قرآني بيان

# مولٰي علي

## جي سخاوت جي شان

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ



جي جمعة المبارڪ جو

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 21 مارچ 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ 20 رمضان المعظم 1446ھ) جي جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# مولٰي علي جي سخاوت جي شان

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... مولٰي علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت جو واقعو

✿... 4 درهم خيرات ڪرڻ جا 4 انداز

✿... حيدر جي گهراڻي جي نرالي سخاوت

✿...عيد تي غريبن کي ياد رکو!

**پيشڪش**

اَلْمَدِیْنَۃُ الْعِلْمِیۃ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

***For Feedback***:+92 315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُل صراط تي نور آهي جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي 80 ڀيرا درود شريف پڙهندو ان جي 80 سالن جا گناهه معاف ٿي ويندا. (1)

پڑھتا رہوں کثرت سے درود ان پہ سدا میں | اور ذِکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الوداع الوداع ماهِ رمضان...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جو آخري عشرو (ڏهاڪو) هلي رهيو آهي، الله ڪري هن سال رمضان جو مهينو 30 ڏينهن جو ٿي وڃي.

دیکھ کر چاند میں رو پڑا تھا | سامنے ہجر کا غم کھڑا تھا
جلد رخصت کا وقت آگیا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
اشک آنکھوں سے اب بہ رہے ہیں | ہجر کا غم جو ہم سہ رہے ہیں

1...اَلْفِرْدَوْس بِمأثور الْخِطاب،جلد:2، صفحه:408، حديث:3814ـ
2...وسائلِ بخشش ،صفحه:114ـ

وہ دِلِ غمزدہ جانتا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
کر کے تقسیم بخشش کی اَسناد | آہ! رنجیدہ دِل کرکے تُو شاد
سب کو روتا ہوا چھوڑتا ہے | ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے(1)

رمضان المبارڪ جا اجا ڪجهہ ڏينهن باقي آهن، افسوس! اهي بابرڪت گهڙيون جلد ئي ختم ٿي وينديون، رمضان جو مهينو اسان کي داغِ مُفارقت (يعني جدائي جو غم) ڏئي رخصت ٿي ويندو، تنهنڪري انهن برڪت وارن لمحن کي غنيمت سمجهندي خوب توبہ ۽ استغفار ڪيو، جيترين وڌيڪ ٿي سگهن نيڪيون ڪيو جو زندگي ۾ ٻيهر رمضان جو مهينو نصيب ٿيندو يا نہ ان جي اسان وٽ ڪا بہ گارنٽي ناهي.

الٰہی رہ گئے رمضاں کے آخری روزے | رہائی نارِ جہنّم سے ہو عطا یاربّ!
اِلٰہی رہ گئیں رمضاں کی آخری گھڑیاں | کرم سے بخش بھی دے ہم کو یاخُدا! یاربّ!(2)

الله پاڪ اسان کي انهن برڪت واري لمحن کي غنيمت ڄاڻڻ ۽ انهن ۾ خوب نيڪيون ڪري بخشش جو سامان ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت جو واقعو

21 رمضان المبارڪ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت اميرالمومنين حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهادت جو ڏهاڙو آهي.

هي 40 سن هجري جو واقعو آهي، هن سال جي رمضان جو مقدس مهينو حضرت مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هيئن گذاريو جو هڪ افطار پنهنجي شهزادي امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ ڪندا، هڪ افطار امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وٽ ڪندا ۽

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:683 ملتقطًا۔
2...وسائلِ فردوس، صفحہ:28۔

هڪ افطار جي لاءِ حضرت عبدالله بن جعفر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما وٽ تشريف وٺي ويندا هئا. معمول مبارڪ اهو جو 3 گرهن کان وڌيڪ ڪاڌو نہ ڪائيندا ۽ فرمائيندا هئا: مون کي اهو سنو لڳندو آهي تہ جڏهن مان الله پاڪ سان ملاقات ڪيان تہ منهنجو پيٽ خالي هجي. شهادت واري رات (يعني جنهن رات جي صبح سندن تي قاتلاڻو حملو ٿيو) ان رات تہ اها حالت رهي جو بار بار گهر کان ٻاهر نڪرندا ۽ آسمان ڏانهن ڏسي فرمائيندا هئا: الله پاڪ جو قسم! مون کي ڪا بہ ڪوڙي خبر ناهي ڏني وئي، هي اها ئي رات آهي جنهن جو وعدو ڪيو ويو آهي (جڻ تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي پنهنجي شهادت جو پهريان کان ئي علم هو). (1)

17 يا 19 رمضان المبارڪ جي صبح جو سحري جي وقت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اٿيا، فجر جي نماز جو وقت ٿيو تہ سندن مسجد ڏانهن روانا ٿيا، رستي ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ آواز ڏيندي وڃي رهيا هئا تہ اوچتو ابنِ مُلجَم بدبخت پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تي تلوار جو زور سان وار ڪيو، جنهن جي شدت سان سندس پيشاني مبارڪ سخت زخمي ٿي پئي. ان دوران هر طرف کان ماڻهو ڊوڙندا آيا ۽ ابن ملجم بدبخت کي گرفتار ڪري ورتو. هن دردناڪ واقعي کان 2 ڏينهن بعد سندن کي شهادت ملي. (2)

## مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو حسنِ سلوڪ

روايتن ۾ آهي: اميرالمؤمنين مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ زخمي حالت ۾ هئا، ابنِ مُلْجَم کي گرفتار ڪيو ويو هو، ان تي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: ابنِ مُلْجَم قيدي آهي، ان سان چڱو ورتاءُ ڪيو! ان کي چڱي جڳهہ تي رکو...!! جيڪڏهن مان جيئرو رهيس تہ منهنجي مرضي آهي تہ مان ان کي معاف ڪيان يا بدلو وٺان، جيڪڏهن مان شهيد ٿي ويس تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان کان بدلو وٺندس. (3)

---

1...سوانحِ کربلا ،صفحہ:77 خلاصۃً ۔
2...تاريخ الخلفاء،صفحہ:112- 113ملتقطًا ۔
3...طبقات الکبریٰ ،جلد:3 ،صفحہ:25۔

الله اکبر! اي عاشقانِ شيرِ خدا! غور ڪيو! ابنِ مُلجَم قاتلاڻو حملو ڪيو، ان جي حملي سبب حضرت مولا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ زخمي آهن، شهادت ويجهو آهي، ان جي باوجود سندن ابنِ مُلجَم سان ڪهڙو سنو سلوڪ ڪري رهيا آهن...!! افسوس! اڄڪلهه جاني دشمن سان سنو سلوڪ ڪرڻ ته رهي پري جي ڳالهه، اسان ته ڪجهه سِڪن خاطر پنهنجي سڳي ڀائرن سان وڙهڻ لڳندا آهيون، ٿوري ٿوري ڳالهه تان پنهنجي عزيز رشتيدارن سان مرڻ جيئڻ ختم ڪري ڇڏيندا آهيون. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم ڪري. ڪاش! اسان مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سيرت کان سبق سکون ۽ جيڪو اسان سان برو سلوڪ ڪري، ان سان به چڱائي سان پيش ايندا ڪيون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سخاوت جي شان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شان تمام بلند آهي، قرآن ڪريم جون ڪيئي آيتون سندن حق ۾ نازل ٿيون. حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو نهايت پيارو وصف جنهن کي قرآن ڪريم هڪ کان وڌيڪ هنڌن تي بيان ڪيو، اهو آهي: سندن سخاوت جي شان ۽ صدقو خيرات ڪرڻ جي عادت. سخي ته ٻيا به گهڻا آهن، صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي سيرت پڙهي ڏسو! ڪيئي سخي ملندا پر سخاوت جو جيڪو نرالو انداز قرآن ڪريم حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو بيان ڪيو آهي، هي سندن جو ئي خاصو آهي.

## حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي خصوصيت.

قرآنِ پاڪ ۾ هڪ اهڙي صدقي جو ذڪر به موجود آهي، جيڪو رڳو حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ئي ادا ڪيو آهي، ڪنهن ٻئي کي هن تي عمل جو وقت ئي نه مليو. اهو صدقو ڪهڙو آهي؟ الله فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ؕ
(پاره:28 ، سورة مجادله:12)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان رسول سان اڪيلائي ۾ ڪا ڳالھ عرض ڪرڻ چاهيو تہ پنهنجي عرض ڪان پهريان ڪجهہ صدقو ڏئي ڇڏيو.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ الله پاڪ حڪم ڏنو تہ جڏهن توهان اسان جي پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ اڪيلائي ۾ ڪجهہ عرض ڪرڻو هجي تہ ان عرض کان پهريان صدقو ڏيندا ڪيو! بعض روايتن موجب ان حڪم تي رڳو حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عمل ڪيو، سندن هڪ دينار صدقو ڪري پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان 10 مسئلا پڇيا. (1)

ڪو ٻيو صحابي بہ ان تي عمل ڪري ها، ان جو اجا موقعو نہ آيو هو تہ اهو حڪم منسوخ ٿي ويو ۽ الله پاڪ هي آيتِ ڪريمہ نازل فرمائي:

ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقٰتٍ ؕ فَاِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَ تَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ ؕ
(پاره:28 ، سورة مجادله:13)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ڇا توهان هن ڳالھ کان ڊڄي ويؤ جو توهان پنهنجي عرض کان پهريان ڪجهہ صدقا ڏيو پوءِ جڏهن توهان (هي) نہ ڪيو ۽ الله پنهنجي مهرباني سان توهان تي رجوع فرمايو تہ توهان نماز قائم ڪيو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله ۽ ان جي رسول جا فرمانبردار رهو.

حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن هي مبارڪ آيت:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ
(پاره:28 ، سورة مجادله:12)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! جڏهن توهان رسول سان اڪيلائي ۾ ڪا ڳالھ عرض ڪرڻ چاهيو.

---

1...تفسير مدارڪ ،پاره: 28،سورة مجادلہ ،زيرِ آيت:12 ،جلد:3 ،صفحہ:450۔

نازل ٿي ته الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: توهان جي خيال ۾ هڪ دينار ٺيڪ آهي؟ مون عرض ڪيو: ماڻهو ايتري جي طاقت نه رکندا. فرمايو: اڌ دينار. مون عرض ڪيو اهو به نه ڏئي سگهندا. حضورِاڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: پوءِ ڪيترو هئڻ گهرجي. مون عرض ڪيو: جَو جي هڪ داڻي جي برابر. فرمايو: توهان ته وڏا تنگ دست آهيو. پوءِ هي آيت نازل ٿي وئي:

| | |
|---|---|
| ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوٰىكُمْ صَدَقٰتٍؕ (پاره:28 ، سورة مجادله:13) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** ڇا توهان هن ڳالهه کان ڊڄي ويؤ جو توهان پنهنجي عرض کان پهريان ڪجهه صدقا ڏيو. |

حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: سو منهنجي ڪري الله پاڪ هن امت تي آساني فرمائي ڇڏي.

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو شان آهي، پوري امت ۾ سندن کي هڪ اهڙو صدقو ڏيڻ جي به سعادت حاصل آهي جو اهڙو صدقو ادا ڪرڻ جو ڪنهن کي موقعو ئي ناهي مليو.

يا عليَّ المرتضیٰ، مولیٰ علی مشکلکُشا | آپ ہیں شیرِ خدا، مولیٰ علی مشکلکُشا
پیکرِ جُودو سخا تُو، میں فقیر و بے‌نوا | تُو ہے داتا میں گدا، مولیٰ علی مشکلکُشا

## 4 درهم خيرات ڪرڻ جا 4 انداز

اهڙي طرح سيپاري: 3، سورت بقره، آيت: 274 ۾ به حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي نرالي سخاوت جو بيان آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَ النَّهَارِ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۷۴﴾ (پاره:3 ، سورۂ بقره:274)

ترجمو كنزالعرفان: اهي ماڻهو جيكي رات ۾ ۽ ڏينهن ۾، لكائي ۽ ظاهر پنهنجا مال خيرات كن ٿا انهن جي لاءِ انهن جو اجر انهن جي رب وٽ آهي. انهن تي نہ كو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين هوندا.

هك قول موجب هيءَ آيت مسلمانن جي چوٿين خليفي امير المومنين حضرت مولا علي شير خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي شان ۾ نازل ٿي، حضرت مولا عليِ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ وٽ فقط 4 درهم هئا ۽ ٻيو كجهہ نہ هو. سندن اهي چارئي درهم راهِ خدا ۾ صدقو كري ڇڏيا ۽ صدقو كرڻ جو انداز كيترو نرالو هو، سندن هك درهم ڏينهن جي وقت صدقو كيو، هك درهم اعلانيہ طور صدقو كيو ۽ هك درهم لكائي كري صدقو كيو. (1)

اللّٰه كريم كي هي علي المرتضيٰ جي ادا پسند آئي تہ اللّٰه پاك هيءَ آيتِ كريمہ نازل فرمائي ۽ فرمايو تہ جيكي ماڻهو پنهنجو مال رات ۽ ڏينهن ۾ ڳجهي ۽ ظاهري طور تي صدقو كندا آهن، انهن لاءِ سندن رب وٽ اجر آهي، انهن تي نہ كو خوف هوندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا.

پیکرِ جُودو سخا تُو، میں فقیر و بے نوا | تُو ہے داتا میں گدا، مولیٰ علی مشکلکُشا
بھیک لینے کیلئے، دربار میں منگتا ترا | لے کے کشکول آ گیا، مولیٰ علی مشکلکُشا
کیوں پھروں در در، بھلا خیرات لینے کیلئے | میں فقط منگتا تِرا، مولیٰ علی مشکلکُشا

## اسان جو خيرات كرڻ جو انداز

سُبْحٰنَ اللّٰه! ڇا شان آهي مسلمانن جي چوٿين خليفي اميرالمؤمنين حضرت مولا

علي رَضِيَ اللہُ عَنْہُ جو...!! سندن وٽ صرف 4 درهم ئي هئا، سندن اهي 4 ئي درهم خدا جي راهه ۾ خيرات ڪري ڇڏيا! ۽ انداز ڇئن ئي جو الڳ رکيو، هڪ ڏينهن ۾ خيرات ڪيو، هڪ رات ۾، هڪ لڪائي خيرات ڪيو ۽ هڪ ظاهر ڪري جو خبر ناهي تہ ڪهڙو درهم ۽ ڪهڙو انداز ۾ الله پاڪ کي پسند اچي وڃي ۽ وڏيڪ قبوليت جو شرف ماڻي ڪري رحمتن ۽ برڪتن ۾ وڏيڪ اضافي جو سبب بڻجي وڃي.

هي صحابيِ رسول، مولاءِ ڪائنات رَضِيَ اللہُ عَنْہُجو مبارڪ انداز آهي ۽ ٻئي طرف اسان جي حالت اها آهي تہ جيڪڏهن ڪڏهن صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي همت ڪري بہ ورتي تہ ڪٿي رضاءِ اِلٰهي جي نيت...! ڪهڙو اخلاص ۽ ڪاٿي جي لِلّٰهيّت...! رڳو ڪهڙي طرح ماڻهن کي خبر پئجي وڃي تہ حضرت اڄ هيترا روپيا خيرات ڪري ڇڏيا! جيستائين اسان جا صدقا ۽ خيرات مشهور نہ ٿي وڃن سڪون ناهي ملندو، مسجد ۾ ڪجهہ ڏئي ڇڏيو تہ خواهش هوندي آهي تہ امام صاحب نالو وٺي دعا ڪن تہ جيئن ماڻهن کي منهنجي چندي ڏيڻ جي خبر پئجي وڃي. ڪنهن مسلمان جي خير خواهي ڪئي تہ تمنا اها هوندي آهي تہ هاڻي ڪا صورت اهڙي بہ بڻجي جو اسان جو نالو اچي وڃي، ماڻهن جون زبانون اسان جي سخاوت جا ترانا ڳائن، ڪنهن تي احسان ڪيو تہ خواهش هوندي آهي تہ هي اسان جو خادم بڻجي رهي، اسان جون تعريفون ڪري جڏهن تہ قرآن پاڪ اسان کي احسان نہ جتائڻ (جاڻائڻ) ۽ ان جو بدلو رڳو الله پاڪ کان گهرڻ جو حڪم ڏئي رهيو آهي:

اَلَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا یُتْبِعُوْنَ مَاۤ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًىۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْۚ
(پاره:3 ، سورۂ بقره:262)

ترجمو كنزالعرفان: اهي ماڻهو جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن پوءِ پنهنجي خرچ ڪرڻ کان بعد نہ احسان جتائيندا آهن ۽ نہ تڪليف ڏيندا آهن. انهن جو انعام انهن جي رب وٽ آهي.

الله پاڪ اسان کي بہ مولا علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سخاوت جي شان ۽ سخاوت جي انداز مان حصو نصيب فرمائي. ڪاش! حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي صدقي ۾ اسان کي بہ اخلاص سان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جو جذبو ۽ سعادت نصيب ٿي وڃي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی!(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حيدر جي گهراڻي جي نرالي سخاوت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** قرآنِ ڪريم ۾ هڪ ٻئي مقام تي بہ حيدر جي گهراڻي جي نرالي سخاوت جو بيان آهي جيئن سيپاري: 29، سورت دهر، آيت: 8 ۽ 9 ۾ ارشاد ٿئي ٿو

1...وسائلِ بخشش ،صفحہ:105۔

وَ يُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿۸﴾ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوْرًا ﴿۹﴾

(پاره:29، سورة دهر :8-9)

ترجمو كنزالعرفان: ۽ اهي الله جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيدي کي کاڌو کارائن ٿا اسان توهان کي خاص الله جي رضا جي لاءِ کاڌو کارايون ٿا. اسان توهان کان نہ بدلو گهرون ٿا ۽ نہ مهرباني.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ امير المؤمنين حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ سندن اهلِ خانہ جي ايمان افروز سخاوت جو بيان آهي، روايتن ۾ آهي: هڪ ڀيرو حضرت حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما بيمار ٿي پيا، جنهن تي سندن والد صاحب حضرت علي شيرِ خدا، انهن جي والده حضرت فاطمةالزهرا ۽ خادمہ حضرت فضّہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم منت (باس) باسي تہ الله پاڪ شهزادن کي صحت عطا فرمائيندو تہ اسان 3 روزا رکنداسين.

جيئن تہ الله پاڪ جو ڪرم ٿيو، ٻنهي شهزادن کي صحت نصيب ٿي، پوءِ منّت(باس) پوري ڪرڻ لاءِ ٽنهي 3 روزا رکيا. حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ 3 صاع جَو آندا، پهريون روزو رکيو، إفطار لاءِ هڪ صاع (يعني تقريباً 4 ڪلو جَو) جون مانيون ناهيون ويون، افطار جو وقت ٿيو تہ ٽنهي روزيدارن جي سامهون مانيون رکيون ويون، افطار جو انتظار ڪيو پئي ويو تہ دروازي تي هڪ مسڪين حاضِر ٿيو، ان ماني جو سوال ڪيو، سخي گهراڻو هو، در تي آيل سوالي هٿين خالي وڃي اهو پسند نہ هو، تنهنڪري اهي سڀئي مانيون ان مسڪين کي ڏئي ڇڏيون ۽ پاڻ ٽنهي پاڻي سان روزو افطار ڪيو. اڳين ڏينهن ٻيهر افطار جو وقت ٿيو، هڪ صاع (يعني تقريباً 4 ڪلو) جَو جون مانيون ٺاهيون ويون، دسترخوان تي رکيون ويون، افطار جو انتظار ڪيو پئي ويو، اچ هڪ يتيم دروازي تي آيو، ان بہ ماني جو سوال ڪيو، سخي گهراڻي اچ بہ سڀئي

مانيون يتيم کي ڏئي ڇڏيون، پاڻ پاڻي سان افطار ڪري ڇڏيو. ٽيون ڏينهن آيو، وري هڪ صاع (تقريباً 4 ڪلو) جَو جون مانيون ٺاهيون ويون، دسترخوان تي رکيون ويون، ٽئين ڏينهن بہ هڪ سوالي آيو، الله! الله! قربان وڃو! حيدر جي گهراڻي جي ڪيتري ڪمال سخاوت آهي، انهن حضراتِ عالي وقار ٽئين ڏينهن بہ صبر ڪيو ۽ سيئي مانيون سوالي کي عطا ڪري پاڻ پاڻي سان افطار ڪري ورتو.[1]

بھوکے رہ کے خود اَوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابِر تھے محمد کے گھرانے والے

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! هي ڪهڙو ايثار آهي، ڪهڙي نرالي سخاوت آهي! اهلِ بيتِ اطهار جو پاڪ گهراڻو، ٽي ڏينهن جا روزا، ٽي ڏينهن مانيون ٺهجون، ۽ ٽي ڏينهن سوالي آيو. انهن پاڪ حضرات ٽئي ڏينهن پنهنجون سيئي مانيون صدقو ڪري پاڻ پاڻي سان روزو افطار ڪيائون.

الله پاڪ کي انهن پاڪ ماڻهن جو هي نرالو عمل ايترو پسند آيو جو ربّ ڪائنات قرآنِ پاڪ ۾ هن ايثار جو ذڪر فرمايو. هن ذڪر جو انداز بہ ڏسو! لفظن جي ترتيب تي ڌيان ڏيو! پهرئين ڏينهن مسڪين آيو هو، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ يُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا (پاره:29، سورة دهر :8) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهي الله جي محبت ۾ کاڌو کارائن ٿا مسڪين کي. |

ٻئي ڏينهن يتيم آيو هو تہ الله پاڪ ٻئي نمبر تي يتيم جو ذڪر ڪيو، فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ یَتِیْمًا (پاره:29، سورة دهر :8) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ يتيم (کي) |

ٽئين ڏينهن قيدي آيو هو تہ الله پاڪ ان جو ذڪر ٽئين نمبر تي ڪندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَ اَسِیْرًا (پاره:29، سورة دهر :8) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ قيدي (کي) |

---

1...تفسير خزائن العرفان، پاره:29، سورهٔ دہر، زيرِ آيت:7، صفحہ:1073 خلاصةً ۔

# مرتضٰي جي سخاوت جا چند حسين پهلو

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ ۾ حضرت مولا علي شيرِ خدا ۽ سندن اهلِ خانہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهم جي نرالي سخاوت جا ڪجهہ حسين پهلو بيان ڪيا ويا آهن.

سڀ ڪان پهريان تہ هي ڏسو جو جڏهن ڪو سخاوت ڪندو آهي تہ ان ۾ 2 شيون تمام گهڻو اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن:

(1) سخاوت ڪندي ان شخص جي پنهنجي حالت ڪهڙي آهي؟ (2) اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ان کي سخاوت ڪرڻ تي آماده ڪري رهي آهي؟ ڪنهن بہ سخي جي سخاوت جو وزن انهن ٻنهي شين سان ٻڌجندو آهي. اللہ پاڪ حيدر جي گهراڻي جي سخاوت جي انهن ٻنهي پهلوئن کي ٻن لفظن ۾ بيان ڪيو، فرمايو:

عَلٰى حُبِّهٖ (پاره:29، سورة دهر :8) | **ترجمو ڪنز العرفان:** ان جي محبت ۾

مفسرينِ ڪرام هن لفظ جون ٻہ معنائون بيان ڪيون آهن:

(1) هي تہ کاڌو کارائيندي وقت انهن کي پاڻ ان کاڌي جي تمام گهڻي حاجت ۽ خواهش هئي. (2) هي تہ اهي اللہ پاڪ جي محبت ۾ کاڌو کارائي رهيا هئا.[1]

هي ٻنهي ڳالهين جو بيان ٿي ويو. حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ۽ سندن اهلِ خانہ جڏهن هي سخاوت ڪري رهيا هئا، انهن جي حالت اهڙي هئي جو انهن ٽن ڏينهن جا روزا رکيا، ٽئي ڏينهن کاڌو حاضر ڪيو ويو، اهڙي حالت ۾ ڪين کاڌي جي ڪيتري حاجت ۽ خواهش هوندي آهي، اڄڪلهہ رمضان المبارڪ آهي، اسان بہ روزا رکندا آهيون، افطار جي وقت اسان ان جو اندازو ڪري سگهون ٿا، قربان وڃو! حيدر جي گهراڻي سخاوت ڪئي، مانيون ايثار ڪيون ۽ اهي بہ ڪنهن وقت، ڪهڙي حالت ۾، جڏهن تہ انهن کي پاڻ کائڻ جي سخت حاجت هئي. پنهنجو پيٽ

1...تفسير خزائن العرفان ،پاره:29 ،سورهٔ دہر ،زيرِ آيت:7 ،صفحه:1073۔

پريل هجي پوءِ انسان سخاوت ڪري ته اها ڳالهه آسان آهي پر پنهنجو پيٽ ڪاٽي (يعني پاڻ بکيو رهي ڪري) ٻي کي ڪارائي ڇڏڻ اها مشڪل ڳالهه آهي، حيدر جي گهراڻي جي سخاوت جو اهو شان آهي ته انهن کي پاڻ حاجت آهي، پاڻ کي ضرورت آهي پر هي پنهنجي حاجت ۽ ضروريات کي پنيان رکندا آهن ۽ ٻين کي ڪارائي ڇڏيندا آهن.

پوءِ هي ڏسو! ته انهن کي هن سخاوت تي آماده ڪنهن شيءِ ڪيو؟ ڇا هي مَعَاذَاللّٰهِ! شهرت چاهين پيا، ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي محبت ۽ مقام وڏائڻ چاهين پيا؟ پنهنجي تعريفن جا خواهشمند هئا؟ نه...! هرگز نه...!! الله پاڪ فرمايو:

عَلٰى حُبِّهٖ (پاره:29، سورة دهر :8) | ترجمو ڪنزالعرفان: ان جي محبت ۾

مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي گهراڻي وارا، هي پاڪ ماڻهو ٿي ڏينهن پاڻ پاڻي سان افطار ڪري، مسڪين، يتيم ۽ قيدي کي کاڌو کارائي رهيا هئا.

ان جو سبب ڇا هو؟ الله پاڪ جي محبت...!! هيءَ اهڙي شاندار سخاوت الله پاڪ جي محبت ۾، ان جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري رهيا هئا.

سُبْحٰنَ اللّٰہ! هن کي چوندا آهن سخاوت...!! اهو هوندو آهي ايثار...!! اسان پهرين ته سخاوت ڪريون ئي ڪڏهن ٿا؟ جيڪڏهن ڪندا به آهيون ته پهريان پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندا آهيون، پوءِ ٻين جي طرف ڌيان ويندو آهي. وري جڏهن ڪجهه ٻين کي ڏيندا به آهيون ته رياڪاري، ڏيکاءُ، خودپسندي ۽ نه ڄاڻ ڪهڙين ڪهڙين باطني بيمارين ۾ وڪوڙجي ويندا آهيون.

ڪاش! حيدر جي گهراڻي جو صدقو الله پاڪ اسان کي اخلاص سان ڀرپور سخاوت جي توفيق عطا فرمائي.

## ايثار جي زبردست فضيلت

ياد رکو! پنهنجي حاجت، پنهنجي ضرورت تي ٻين جي ضرورت کي ترجيح ڏيڻ

کي ئي ايثار چئبو آهي ۽ ايثار سخاوت جي بلند ترين صورت هوندي آهي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي ڪري پنهنجي مٿان (ٻئي کي) ترجيح ڏي، ته الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو صدقو، الله پاڪ اسان کي ايثار ۽ سخاوت جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! بغير حساب جي جنت ۾ داخلو ملي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یاربّ! | پڑوس خُلد میں سرور کا ہو عطا یاربّ!
نبی کا صدقہ سدا کیلئے تُو راضی ہو | کبھی بھی ہونا نہ ناراض یاخدا! یاربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شڪريي جي به طلب نه رکي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ حيدر جي گهراڻي جي نرالي سخاوت جو هڪ پيو حسين پهلو به هن ئي آيت ۾ بيان فرمايو، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوْرًا ﴿۹﴾ اِنَّا نَخَافُ مِنْ رَّبِّنَا يَوْمًا عَبُوْسًا قَمْطَرِيْرًا ﴿۱۰﴾ (پاره:29 ، سورة دهر:9-10) | ترجمو ڪنزالعرفان: اسان توهان کي خاص الله جي رضا جي لاءِ کاڌو کارايون ٿا. اسان توهان کان نه بدلو گهرون ٿا ۽ نه مهرباني. بيشڪ اسان کي پنهنجي رب کان هڪ اهڙي ڏينهن جو خوف آهي جيڪو گهٽو سخت بيحد سخت آهي. |

يعني نِرالا سخي جڏهن مسڪين، يتيم ۽ قيدي کي کاڌو ڏيندا آهن ته انهن کي چوندا آهن: ”اسان اوهان کان بدلو نٿا گهرون، توهان اسان کي شڪريه چئو ! "Thanks" چئو! اسان کي ان جي به ضرورت ناهي. اسان ته صرف الله پاڪ جي

1...اِتحافُ السّادَة للزّبيدى ،جلد:9 ،صفحه:779،جامع الاحاديث ،جلد:3 ،صفحه:428،حديث:9572۔

رضا ٿا چاهيون، افسوس !جلد ئي هڪ ڏينهن اچڻ وارو آهي، ان ڏينهن غير مسلمن جا چهرا بگڙي ويندا، اسان کي ان ڏينهن جو خوف آهي.

اسان اوهان کي کاڌو انهيءَ ڪري کارايو ته جيئن اسين ان ڏينهن جي خوف کان امن ۾ رهون! (1)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هي اخلاص جو بلند ترين درجو آهي ته انسان جنهن تي احسان ڪيو، ان جي طرف کان شڪريي جي به تمنا نه رکي. ان جي نظر صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا تي هجي، بس !!...ان ڪانسواءِ ڪجهه به دل ۾ نه هجي.

**اَلْحَمْدُلِلّٰه!** اسان جا اسلاف به اهڙي ئي سخاوت ڪندا هئا. مسلمانن جي پيارِي امڙ سائڻ، حضرت عائشه صديقه طَيِّبَه طَاهِرَه ۽ حضرت امّ سلمه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھما جو مبارڪ معمول اهو هوندو هو ته جڏهن فقير ڏانهن ڪو هديو موڪلينديون هيون ته ڪٽي وجڻ واري کي چونديون هيون ته ان جي دعائيه ڪلمن کي ياد رکي، پوءِ ان جهڙن ئي ڪلمن سان جواب ڏينديون ۽ چونديون هيون:

"دعا جي بدلي ان لاءِ دعا ڏني اٿئون ته جيئن اسان جو صدقو محفوظ رهي. (2)

**ڪاش!** اسان کي به اهڙي ئي سخاوت جي توفيق ملي، اسان به ڪنهن تي احسان ڪريون، صدقو ڏيون، ڀلائي ڪيون، پر ڪنهن به قسم جي بدلي جي خواهش نه ڪيون بلڪ اسان جو مقصد فقط الله پاڪ جي رضا هجي.

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!

## عيد تي غريبن کي ياد رکو!

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان حضرت مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي سخاوت جي شان ٻڌي، سندن ڪيڏا نه صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جا شوقين هئا !

---

1...تفسير كبير،سورۂ دہر،زیرِ آیت :9-10 ،جلد:10 ،صفحہ:748۔
تفسير مدارک،سورۂ دہر، زیرِ آیت :9 - 10،جلد:3 ،صفحہ: 578 ملتقطاً ۔
2...احیاء علوم الدین ،کتاب اسرار الزکاۃ ،جلد:1 ،صفحہ:287۔

سندن وٽ چار درھم ھئا، چارئي اللہ جي راھ ۾ خرچ ڪري ڇڏيا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ۽ سندن جي اھلِ خانہ ٽي ڏينھن روزا رکيا، تنھي لاءِ ڪاڌو تيار ٿيو پر ٽئي ڏينھن انھن پاڻ سان افطار ڪري ڪاڌو صدقو ڪري ڇڏيو. اسان کي بہ ان مان سبق حاصل ڪرڻ گھرجي! عيد ويجھو اچي رھي آھي. جيڪڏھن اسان ٿورو ئي غور ڪريون، تہ اسان جي اوڙي پاڙي ۾، گلي ۾، عزيزن ۽ مٽن مائٽن ۾ ڪيترائي غريب ملندا، ❁ جيڪڏھن اللہ پاڪ وسعت عطا فرمائي آھي تہ اسان کي بہ انھن سان ڀلائي ڪرڻ گھرجي! ❁ جيڪڏھن اسان پنھنجن ٻارن کي عيد جي شاپنگ ڪرائي رھيا آھيون يا ڪرائي چڪا آھيون تہ انھن غريبن کي بہ ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ڏيون! ❁ ڪيترا اھڙا يتيم ٻار ھوندا جيڪي ٻين ٻارن کي عيد جي تياري ڪندي ڏسي اداس ٿي ويندا ھوندا ❁ ڪيترن جون اکيون آليون ٿينديون ھونديون ❁ ڪيترا سوچي رھيا ھوندا تہ اڄ جيڪڏھن اسان جا بہ والد ھجن ھا تہ اھي بہ اسان کي عيد جي شاپنگ ڪرائن ھا ❁ ڪيترا ئي والدين، بازار جو رش ڏسي دل ئي دل ۾ سوچيندا ھوندا تہ ڪاش! اسان وٽ بہ وسعت ھجي ھا تہ پنھنجن ٻارن لاءِ نوان ڪپڙا، نيون جوتيون وٺون ھا. ❁ ڪيترا ئي والدين پنھنجن ٻارن جي فرمائشن تي اندر ئي اندر ڏک محسوس ڪندا ھوندا. اللہ پاڪ اسان کي وسعت عطا فرمائي آھي تہ اسان کي انھن غريبن جو بہ خيال ڪرڻ گھرجي، انھن سان بہ ڀلائي سان پيش اچڻ گھرجي! اسان غريبن جي مدد ڪنداسين تہ اللہ پاڪ اسان تي بہ مھرباني فرمائيندو!حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن بي مثال سخاوت ڪئي، ٽي ڏينھن پاڻ سان افطار ڪيو افطار لاءِ تيار ڪيل ڪاڌو مسڪين، يتيم ۽ قيدي کي ڏئي ڇڏيو تہ ان تي اللہ پاڪ سندن شان ڇا بيان فرمايو؟

ٻڌو! ارشاد ٿئي ٿو:

فَوَقٰىهُمُ اللّٰهُ شَرَّ ذٰلِكَ الْيَوْمِ وَ لَقّٰىهُمْ نَضْرَةً وَّ سُرُوْرًا ﴿١١﴾ وَ جَزٰىهُمْ بِمَا صَبَرُوْا جَنَّةً وَّ حَرِيْرًا

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ اللہ انھن کي ان ڏينھن جي شر کان بچائي وٺندو ۽ انھن کي تازگي ۽ خوشي عطا فرمائيندو. ۽ انھن جي صبر تي انھن

مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآىِٕكِ ۚ لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّ لَا زَمْهَرِيْرًا ﴿۱۳﴾ وَ دَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلٰلُهَا وَ ذُلِّلَتْ قُطُوْفُهَا تَذْلِيْلًا ﴿۱۴﴾

(پاره:29، سورهٔ دهر:11 تا 14)

کي جنت ۾ ريشمي ڪپڙا بدلي ۾ عطا فرمائيندو. اهي جنت ۾ تختن تي ٽيڪ لڳايل هوندا نہ ان ۾ اُس ڏسندا نہ ان ۾ سختسردي. ۽ انهن جا پاڇا انهن تي جهڪيل هوندا ۽ جنت جا ڇڳا جهڪائي هيٺ ڪيل هوندا.

هي آهي ايثار ۽ سخاوت جي اُخروي جزا...! الله پاڪ اسان کي بہ غريبن، مسڪينن ۽ يتيمن جو خيال ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ۞ ڪنزالمدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. ۞ تقريباً 16 هزار 500 کان وڌيڪ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات *(Specialization)*، فرائض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ۞ جامعات و مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) جي طلبا جو تعداد تقريبًا 5 لک 23 هزار آهي. ۞ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هن وقت تائين تقريباً 68 هزار کان وڌيڪ مدارس المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن، ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي تقريباً 24 هزار طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ۞ هن وقت تائين تقريباً 21 دارالافتاء اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد هر ماهہ اوسطاً 20 هزار آهي. ۞ المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) *(Islamic Research Center)* جي ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو ويندو آهي،

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن شعبي تحت هن وقت تائين **1784 ڪتابن ۽ رسالن** تي ڪم ٿي چڪو آهي. هن شعبي ۾ ڪيترائي مدني عالِمَ سڳورا خدمت انجام ڏئي رهيا آهن، الله پاڪ جي ڪرم سان دعوتِ اسلامي انهن مدني عالمن کي باقاعده پگهارون ڏيندي آهي. ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو **مكتبة المدينه** قائم ڪيو آهي، جتي بهترين ۽ خوبصورت انداز ۾ ڪتابن جي اشاعت ڪئي ويندي آهي، تقسيم رسائل (يعني مختلف ڪتابَ ۽ رسالا مفت ۾ ورهائڻ) جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ ڪتاب وڪرو بہ ڪيا ويندا آهن ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذمّيدارَ موجود آهن. ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن. ۞ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي، ۞ پرنٽ ميڊيا (۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (جهڙوڪ يوٽيوب *(Youtube)*، فيس بُڪ *(Facebook)*، انسٽاگرام *(Instagram)* وغيره) تي تقريباً 100 اڪائونٽ موجود آهن، جن تي تقريباً **50 ملين** *(Million)* يعني 5 ڪروڙ فالورز آهن، جڏهن تہ ويوز *(Views)* جو تعداد بلينز *(Billions)* يعني 100 ڪروڙ کان بہ وڌيڪ ٿي چڪو آهي. ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي ٻولين ۾، ڪدز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي ۞ آءِ ٽي جي شعبي

طرفان هن وقت تائين 32 موبائل ايپلي ڪيشن ۾ 40 اسلامي ويب سائيٽس لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سموري دنيا جي مسلمانن جي خير خواهي لاءِ ايف جي آر ايف (FGRF) جو شعبو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي تحت هن وقت تائين: ۞ 30 لک ڪان وڌيڪ وڻ پوکيا ويا آهن ۞ تقريباً 60 لک ماڻهن جي مدد ڪئي وئي آهي ۞ 5 هزار ڪان وڌيڪ گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۞ 75 هزار ڪان وڌيڪ خون جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن ۞ هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ هن وقت تائين 32 هزار ڪان وڌيڪ مريض علاج لاءِ اچي چڪا آهن.

انهن سڀني ۽ ٻين ديني ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي کي ڪروڙين روپين جا خرچ برداشت ڪرڻا پون ٿا. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ توهان به خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن به نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪم ۾ لڳائي سگهجي ٿو ته جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (Madani Qaida). هن ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (Audio) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپلي ڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندؤ، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون

۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

**مسئلو:** روزي جي حالت ۾ مسواڪ(ڏندڻ) ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

**وضاحت:** عوام ۾ مشهور آهي تہ روزي جي حالت ۾ ڏندڻ نٿو ڪري سگهجي، اصل ۾ ائين ناهي، اصل مسئلو هي آهي تہ روزي جي حالت ۾ هر قسم جو ڏندڻ ڪري سگهو ٿا ان جي ڪرڻ سان روزو ناهي ٽٽندو بلڪ جهڙي طرح عام ڏينهن ۾ مسواڪ ڪرڻ سنت آهي اهڙي طرح روزي جي حالت ۾ بہ سنت آهي. ها! البت هي ڳالهہ ياد رهي تہ جيڪڏهن روزيدار هئڻ ياد هجي ۽ چٻائڻ ڪان ريشا ٽٽن يا ذائقو محسوس ٿئي تہ چٻائڻ کان بچڻ گهرجي. جنهن ڏندڻ جا ريشا ٽٽندا هجن ۽ روزيدار هئڻ ياد هئڻ جي صورت ۾ ڏندڻ جو ڪو ريشو حلق ۾ هليو ويو تہ ان سان روزو ٽٽي پوندو. فتاويٰ عالمگير ۾ آهي: روزي جي حالت ۾ مسواڪ ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي چاهي مسواڪ خشڪ هجي يا آلي ۽ چاهي صبح جو ڪئي وڃي يا شام جو. (1)

## اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَابَارِئُ

جيڪو بہ هر جمعي تي 10 ڀيرا **يَابَارِئُ** پڙهي وٺندو ڪري، الله پاڪ ان کي پٽ عطا فرمائيندو. (2) اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم!

---

1… فتاوىٰ ہنديہ ، ڪتاب الصوم ، الباب الثالث فيما يكره للصائم وما لا يكره ، جلد:1، صفحہ:199۔

2…مدنی پنج سوره ،صفحہ:248۔